# عرش جو سايو



سنڌي

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال
**مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي**
دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: عرش جو سايو

ڇاپو پهريون: جمادي الآخر 1443هه جنوري 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه
## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي
جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ورتل رسالو
# عرش جو سايو
## پيشڪش
**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)
## ترجمو
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)
هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**
**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

عرش جو سايو ........................................ 1
دعاءِ عطار ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
دين جو قُطبِ اعظم ........................................ 1
عرش جو سايو ........................................ 2
سج هڪ ميل تي هوندو ........................................ 2
چڱائي، بُرائي جو پيشوا ........................................ 4
نيڪي جي امام جو خوش انجام ........................................ 5
ڪيسٽ جي هڪ جملي دل تي اهڙي چوٽ لڳائي جو ........................................ 6
مسجِد جو امام ڄڻ علائقي جو بي تاج بادشاهه ........................................ 8
ستن جي لاءِ ست ڪافي ........................................ 10
لڪي ڪري بيحائي ڪرڻ واري جي غلط فهمي ........................................ 10
فرشتي کي رفيق سفر بڻائڻ جو عمل ........................................ 12
نيڪي جي دعوت ڏيڻ به جهاد آهي ........................................ 13
فاسِق جي ”فِسق“ سان نفرت هجڻ گهرجي ........................................ 14
فاسِق جي صحبت سخت نقصان واري آهي ........................................ 14
نيڪي جي دعوت ڏيڻ لاءِ فاسِقن وٽ وڃڻ جائز آهي ........................................ 15
الله پاڪ کي مٺي وارو چوڻ ڪيئن؟ ........................................ 16
گمان کان گذريا گذرڻ وارا ........................................ 17

عرش جو سايو ڏيارڻ وارو عمل ........................... 19
”عرشِ اعظم تي ربّ“ وارو شعر پڙهڻ ڪيئن آهي؟ ............... 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

هي مضمون ”نيڪي جي دعوت“ صفحي 234 کان 245 تان ورتو ويو آهي.

# عرش جو سايو

## دعاءِ عطار

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”عرش جو سايو“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي قيامت جي ڏينهن سخت گرمي ۾ عرش جو سايو نصيب فرمائي ڪري پنهنجي راضي هئڻ جي خوشخبري عنايت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان سواءِ ڪو بہ سايو نہ هوندو تي شخص الله پاڪ جي عرش جي سايي ۾ هوندا عرض ڪيو ويو: يَارَسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ڪير هوندا؟ ارشاد فرمايو: پهريون اهو شخص جيڪو منهنجي اُمتيءَ جي پريشاني دُور ڪري، ٻيو سنّت کي زنده ڪرڻ وارو، ۽ ٽيون مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو. (بدور السافرة،131، حديث :366)

## دين جو قُطبِ اعظم

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدُنا امام ابوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ دين جو قُطبِ اَعظم آهي، (يعني اهڙو اهم رڪن آهي جو هن سان دين

جون تمام شيون وابستہ آهن) انهيءَ اهم ڪم لاءِ الله پاڪ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام ڪي مَبعُوث فرمايو (يعني موڪليو). (احياءالعلوم،377/2)

## عرش جو سايو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ميدانِ محشر جي هيبتناڪ ماحول ۾ جنهن ڏينهن عرشِ الٰهي جي ساي کان علاوه ڪوبہ سايو نہ هوندو، ان ڏينهن الله پاڪ پنهنجي جِن مُطِيع ۽ فرمانبردار خاص ٻانهن کي عرشِ عظيم جي ساي ۾ جڳهه ۽ جنّتُ الفردوس ۾ داخلا عطا فرمائيندو اُنهن خوش نصيبن ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ وارا اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون بہ شامل هونديون. جيئنتوڻيڪ الله پاڪ حضرتِ موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي تہ جنهن ڀلائي جو حڪم ڏنو ۽ بُرائي کان منع ڪيو ۽ ماڻهن کي منهنجي اطاعت(يعني فرمانبرداري) ڏانهن سڏيو، قيامت جي ڏينهن منهنجي عرش جي ساي ۾ هوندو. (حليةُالاولياء ج 6 ص 36 رقم 7716)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سج هڪ ميل تي هوندو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ۽ سج هڪ ميل تي رهي ڪري باهہ وَسائي رهيو هوندو، اُج جي سختي جي ڪري زِبانون ٻاهر نڪري پيون هونديون، ماڻهو پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا، عرش جي ساي جي انهيءَ مهل صحيح معنيٰ ۾ اهميت جي خبر پوندي، اُن جي طلب پنهنجي دل ۾ پيدا ڪيو، گرمين ۾ مَنجهند جو وقت هجي ۽ توهان تيز اُسَ ۾ بيابان ريگستان ۾ پيرين اگهاڙي هلي رهيا هجو جيڪڏهن اُن وقت ڪو ڇَپر يا ساي جي جڳهه نظر اچي اُن

وقت توهان کي ڪيڏي نہ خوشي ٿيندي ان جو توهان سُني نموني اندازو ڪري سگهو ٿا، حالانڪ قيامت جي گرمي جي مقابلي ۾ دنيا جي اُس ڪا حيثيت نٿي رکي، لهٰذا بَروزِ قيامت الله پاڪ جي رَحمت سان ”عرش جو سايو“ حاصل ڪرڻ جي لاءِ اَڄ دنيا ۾ خوب خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون بہ مچايو ۽ الله پاڪ جي جناب ۾ عرش جي سايي جي خيرات بہ گهرندا رهو.

يااِلٰہی گرمیِ محشر سے جب بھڑکیں بدن ‏ دامنِ محبوب کی ٹھنڈی ہوا کا ساتھ ہو
یااِلٰہی جب زَبانیں باہر آئیں پیاس سے ‏ صاحِبِ کوثر شہِ جُود و عطا کا ساتھ ہو
یااِلٰہی سرد مہری پر ہو جب خورشیدِ حَشر ‏ سیّدِ بے سایہ کے ظلِ لِوا کا ساتھ ہو

(حدائقِ بخشش، ص 132)

شرحِ ڪلامِ رضا: منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مناجات جي ٽنهي شعرن جو نمبر وار خلاصو ملاحظ فرمايو: ﴿1﴾ اي منهنجا معبود! جڏهن محشر برپا ٿئي ۽ اُتي جي هوش اڏائيندڙ گرمي سان ماڻهن جا بدن تپي سڙي رهيا هجن ان وقت اسان غلامانِ مصطفيٰ کي پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دامنِ ڪرم جي ٿڌي ٿڌي هوا نصيب ڪجان. ﴿2﴾ اي منهنجا پروردگار! قيامت جي خوفناڪ تپش ۽ جان وٺندڙ اُڃ جي سختي جي ڪري جڏهن زبانون سڪي ڪري ڪندا ٽي وڃن ۽ ٻاهر نڪري اچن! اهڙي دل ڏاريندڙ ماحول ۾ صاحبِ جود و سخاوت، مالڪِ ڪوثر ۽ جنّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ نصيب ڪجان، ڪاش، ڪاش، اسان اُڃ جي مارين کي صاحبِ ڪوثر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري هٿن سان ڪوثر جا ڇلڪندڙ جام نصيب ٿي وڃن ﴿3﴾ اي ربّ ڪريم! قيامت جي تپندڙ ميدان ۾ جڏهن سج خوب

ڏمرجي باهہ وسائي رهيو هجي! افسوس! اهڙي جان ڳاريندڙ سخت گرمي سخت اُس ۾ جڏهن ميڃالا ٽچڪي رهيا هجن، اسان جي سيّد ۽ سردار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو اُس ۾ سايو زمين تي نہ پوندو هو ان جي عظيم جهنڊي جو سايو اسان کي عطا ڪجان.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## چڱائي، بُرائي جو پيشوا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪنهن کي پنهنجو قائد، پيشوا، ليڊر بڻائڻ کان پهريان آخرت جي نفعي نقصان جي باري ۾ خوب غور و فڪر ڪرڻ گهرجي، جيڪو خوش نصيب ڪنهن نيڪ ۽ پرهيزگار ٻانهي کي پنهنجو پيشوا بڻائيندو اُن جي ڳالهين تي عمل ڪندو قيامت جي ڏينهن اُنهيءَ سان گڏ هوندو ۽ جيڪو بدبخت دنيا جي رنگينين ۾ بدمست ٿي ڪري، دولت ۽ منصب جي هوس جي سبب بُري پيشوا (ليڊر) جي ڦندي ۾ ڦاسي پوندو ۽ دنيا ۾ هن جي ڳالهين تي هلندو تہ محشر ۾ اُنهيءَ پيشوا (ليڊر) سان گڏ هوندو. اسان سڀني کي قيامت جي رسوائي کان ڊڄڻ گهرجي. دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ترجمي واري پاڪيزه قرآن ”ڪنزالايمان مَع خزائنُ العرفان“ صفحي 539 تي سيپاري 15 سورة بني اسرائيل آيت نمبر 71 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ أُنَاسٍ بِإِمَامِهِمْ ۚ (پ15،بنی اسرائیل:71) | ترجمو ڪنزالعرفان: ياد ڪيوجنهن ڏينهن اسان هر جماعت کي ان جي امام سان گڏ سڏينداسين. |

صدرُالافاضِل حضرت علامہ مولانا سِيّد محمد نعيم الدّين مُرادآبادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن آيت ڪريمہ جي حوالي سان فرمائين ٿا: (ان امام سان گڏ

سڏيندا‌سين) جنهن جي هو دنيا ۾ اتّباع (يعني پيروي) ڪندو هو. حضرت ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُما فرمايو: هن مان مراد اهو امامِ زمان (يعني پنهنجي دور جو پيشوا) مُراد آهي جنهن جي دعوت تي دنيا ۾ ماڻهو هلن، چاهي ان حق جي دعوت ڏني هجي يا باطل جي. حاصل اهو آهي تہ هر قوم پنهنجي سردار وٽ جمع ٿيندي جنهن جي حڪم تي دنيا ۾ هلندي رهي ۽ انهن کي انهن جي نالي سان سڏيو ويندو فلاڻي جا مُتَّبِعِين. (مُت_تَ_بِ_عِين يعني اِتباع ۽ پيروي ڪرڻ وارؤ)

(تفسير خزائنُ العِرفان،پ15،بنی اسرائيل،تحت الآية:71)

## نيڪي جي امام جو خوش انجام

جن خوشنصيبن کي تبليغ ۽ ارشاد ۽ نيڪي جي دعوت جي حوالي سان دنيا ۾ منصبِ وجاهت مليو هوندو ۽ اُنهن وڏي اخلاص ۽ خوش اسلوبي سان پنهنجي ذميواري نڀائي هوندي، انهن جي ۽ نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ انهن جو تعاون ڪرڻ وارن مخلصن جا آخرت ۾ ڀاڳ کلي ويا هوندا. هن ضمن ۾ هڪ ايمان افروز روايت پڙهو ۽ جهومو: جيئن تہ حضرتِ سيِّدنا ڪَعب رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: نيڪي جي امام کي قيامت ۾ آندو ويندو اُن کي چيو ويندو تہ پنهنجي پَروَردگار جي دربار ۾ حاضري ڏي تہ هو حاضري ڏيندو تہ وچ مان حِجابات (يعني پردا) هٽي ويندا، اُن کي جنّت ۾ وڃڻ جو حڪم ٿيندو، اهو جنّت ۾ وڃي پنهنجي منزل (يعني مقام) ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ تعاوُن ڪرڻ واري دوستن جون منزلون (يعني مقامات) ڏسندو، ان کي چيو ويندو تہ هيءَ فلاڻي جي منزل آهي، هيءَ فلاڻي جي، تہ اهو جنّت ۾ انهن تمام شين کي ڏسندو جيڪي پاڻ هِن جي لاءِ ۽ هن جي دوستن جي واسطي تيار آهن ۽ پنهنجي منزل (يعني مقام) انهن سيني (دوستن جي منزلن) کان افضل

ڏسندو، پوءِ ان کي جنّت جي حلّن (يعني ملبوسات) مان هڪ حلّو (يعني لباس) پارايو ويندو ۽ ان جي مٿي تي جنّت جي تاجن مان هڪ تاج رکيو ويندو ۽ ان جو چهرو چمڻ شروع ٿيندو ايسيتائين جو چند جهڙو ٿي ويندو، جيڪو بہ اُن کي ڏسندو تہ چوندو: يا الله! اُن کي اسان مان بڻائي ڇڏ ايسيتائين جو هُو پنهنجي انهن دوستن وٽ ايندو جيڪي خير ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ هن جو ساٿ ڏيندا ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندا هئا. انهن کي چوندو: اي فلاڻا! خوش ٿي وڃ جنّت ۾ الله پاڪ تنهنجي لاءِ اهڙا اهڙا انعام تيار ڪري رکيا آهن، انهن کي اهڙي قسم جون خوشخبريون ٻڌائيندو رهندو ايسيتائين جو ان جي پنهنجي روشن چهري جيان انهن دوستن جا چهرا بہ خوشي جي ڪري چمڪڻ لڳندا ۽ اهڙي طرح ماڻهو انهن کي چمڪندڙ چهرن جي ڪري سڃاڻي وٺندا. (البدور السافرة فی امور الاخره، ص245)

پُرضِیا کر میرا چہرہ حشر میں اے کبریا
شہ ضِیاءالدین پیرِ باصفا کے واسطے

اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪيسٽ جي هڪ جملي دل تي اهڙي چوٽ لڳائي جو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ”دعوتِ اسلامي“ جي مهڪندڙ مهڪندڙ ”ديني ماحول“ سان هردم وابستہ رهو، انهيءَ ديني ماحول جي برڪت سان بيشُمار اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون گناهن کان توبہ ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مشغول ٿي ويا آهن، توهان جي رغبت ۽ حرص وڌائڻ جي لاءِ هڪ مَدَني بهار پيش ڪئي وڃي ٿي، جيئن تہ پنجاب (پاڪستان) جي شهر چشتيان شريف جي هڪ

اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: نمازن کان جيءِ چرائڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ، ماءُ پيءُ کي ستائڻ وغيره وغيره گناهه ان جي زندگي جو حصو بڻجي چڪا هئا، ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ جو تہ ان کي جُنون (يعني چريائپ) جي حد تائين شوق هو، طرح طرح جا گانا ان جي موبائيل فون ۽ ڪمپيوٽر ۾ هر وقت موجود رهندا هئا، هو اِنٽرنيٽ جي غَلَط استعمال جي گناهه ۾ بہ مُلوّث هو، جِينز (JEANS) ڪانسواءِ ڪنهن ٻي ڪپڙي جي پتلون نہ پائيندو هو ايسيتائين جو هڪ ڀيري عيد جي موقعي تي والِد صاحب ان جي لاءِ وڳو سُبرائي ڇڏيو پر هن پائڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو ۽ نفس جي خواهش جي مطابق پينٽ شرٽ خريد ڪري عيد جي پر مَسرَّت موقع تي اهو ئي لباس پاتو. فيشن جو شوقين هئڻ جي ڪري هن عمامي ۽ ڪرتي پاجامي جي باري ۾ تہ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو، ان جي سڌرڻ جا اسباب ڪجهہ هيئن ٿيا جو اُن جي قريبي مسجد ۾ جيڪو نئون امام صاحب تشريف ڪٺي آيو اهو خوش قسمتي سان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي ديني ماحول سان وابستہ هو. هڪ ڏينهن انهن هِن تي ”اِنفرادي ڪوشش“ ڪندي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي رغبت ڏياري، امام صاحب جي ”اِنفرادي ڪوشش“ جي سبب هڪ بہ ڀيرا هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪري ئي ورتي. هڪ ڏينهن امام صاحب ان جي والد صاحب کي ”دعوتِ اسلامي“ جي مڪتبۃُ المدينہ جي جاري ٿيل سنّتن ڀري بيان جي ڪيسٽ ”مُڙدي جي بي وسي“ تحفي ۾ ڏني، الله پاڪ جي رحمت سان هڪ رات ان اسلامي ڀاءُ کي هيءَ ڪيسٽ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ٿي، اَلحمدُلِلّٰہ! اُن بيان جي بَرڪَت سان ان جي دل جي دنيا بدلجڻ لڳي، خاص ڪري

هِن ”جملي“:”انسان کي مرڻ کان پوءِ انڌيري قبر ۾ لاٽو ويندو، ڳاڏي هوندي تہ اها بہ گيراج ۾ بيٺي رهجي ويندي.“ اُن جي دل ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو اَلحمدُلِلّٰه! ان هٿون هٿ پوين ڳناهن کان توبهہ ڪري ورتي. پنهنجي موبائيل ۽ ڪمپيوٽر بہ ڳانن جي نحوست کان پاڪ ڪري ڇڏيو ۽ ”دعوتِ اسلامي“ جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو. هن ”ديني ماحول“ ان کي مڪمل بدلائي ڇڏيو، ان پنهنجي چهري تي پياري پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت جي نشاني ڏاڙهي مبارَڪ ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجايو ۽ سنّت جي مطابق لباس سجائي ورتو. اَلحمدُلِلّٰه! هي بيان ڏيڻ وقت اهو اسلامي ڀاءُ يونيورسٽي جي هوٽل ۾ دعوت اسلامي جي شُعبي تعليم جي ذميدار جي حيثيت سان ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي.

يقيناً مقدّر کا وہ ہے سکندر جسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ سیہ کارو آؤ گنہ تم سے دے گا چُھڑا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجِد جو امام ڇڻ علائقي جو بي تاج بادشاهہ

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! مسجد جي پيش امام اسلامي ڀاء جي اِنفرادي ڪوشش هڪ ماڊرن فيشن پرست نوجوان کي سنّتن جو پيڪر بڻائي ڇڏيو! مسجدن جا امام صاحب عام اسلامي ڀائرن جي بنسبت عام طور تي وڌيڪ با اثر هوندا آهن، خاص ڪري

خوش اخلاق ۽ مِلنسار امام مسجد اُن علائقي جو ڄڻ تہ ”بي تاج بادشاهہ“ هوندو آهي، ماڻهو ان جو بيحد احترام ڪندا ۽ ان جي ڳالهہ دل ۾ جان سان مڃيندا ۽ اڪين تي رکندا آهن. مسجدن جي امام سڳورن جي خدمت ۾ منهنجي مدني التجا آهي تہ اهي صرف جمعةُ المبارَڪ جي بيان ڪي سپ ڪجھہ نہ سمجهن، موقعي جي مُناسَبَت سان روزانو ئي فيضانِ سُنّت جي درس جي ترڪيب ناهن، ۽ درس ڏيڻ واري ”مُعلِم“ جي حوصلہ افزائي جي لاءِ ان ۾ شرڪت فرمائن، خوب ”اِنفرادي ڪوشش“ وڌائن، عَلاقائي دَورو برائي نيڪي جي دعوت ۾ پنهنجي شرڪت يقيني بڻائن، هر مهيني گهٽ مان گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقان رسول جي مدني قافلي ۾ سنتن پريي سفر جي سعادت بہ حاصل ڪن، واقعي امام صاحب جيڪڏهن پاڻ سفر ڪندا تہ ان شاءَ الله ان ڪي ڏسندي ان جا مُقتَدِي بہ آساني سان مدني قافلي جا مسافر بڻجي ويندا بهرحال هر مسجد جي امام صاحب ڪي پنهنجي اهم ترين ذميداري مان ”جائز فائدو“ حاصل ڪندي پنهنجي علائقي ۾ خوب مدني ڪمن جون ڌومون مچائي سنّتن جي بهارن جو مَدَني ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي لاءِ آخرت جي ثواب جو خوب خوب ذخيرو جمع ڪرڻ گهرجي. پنهنجي مُقتدين سان بي تڪلف ٿي ڪري پنهنجو وقار خراب ڪرڻ جي بدرانِ ڳالهين کان بچي ڪري انهن ڪي سنّتن پريا مهڪندڙ مهڪندڙ مَدَني گل پيش ڪندي رهڻ ۾ ٻنهي جهانن جي ڀلائي آهي. هِن ضمن ۾ هڪ نصيحت آموز حڪايت ٻڌو، جيئن تہ

## ستن جي لاءِ ست ڪافي

حضرتِ سيِّدُنا حاتم اَصَم رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي خدمتِ معظّم ۾ هڪ شخص حاضِر ٿي ڪري نصيحت جو طالب ٿيو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمايو: (1) جيڪڏهن تون رفيق گهرين ٿو تہ الله پاڪ (جي ياد) تنهنجو رفيق (يعني ساٿي) ڪافي آهي. (2) همراهي چاهين ٿو تہ ”ڪِراماً ڪاتِبين“ (يعني اعمال لکڻ والا بُزرگ ملائڪ) تنهنجي لاءِ ڪافي آهن. (3)جيڪڏهن عِبرت چاهين ٿو تہ ”دنيا جو فاني هجڻ“ عبرت لاءِ ڪافي آهي (4) جيڪڏهن ساٿي ۽ غمخوار درڪار آهي تہ ”قرآنِ ڪريم“ ڪافي آهي (5) جيڪڏهن شُغل (يعني ڪم) گهرجي تہ ”عبادت“ ڪافي آهي (6) جيڪڏهن واعِظ (يعني نصيحت ڪرڻ وارو) چاهين ٿو تہ ”موت“ ڪافي آهي. هي ڇهہ مَدَني گل عنايت ڪرڻ کان پوءِ ستين نمبر تي ارشاد فرمايائون: (7)اهي ڳالهيون جيڪڏهن توکي پسند ناهن تہ دوزخ تنهنجي لاءِ ڪافي آهي. (تذكرةُ الاولياء،الجزء الاوّل ص224) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## لڪي ڪري بيحائي ڪرڻ واري جي غلط فهمي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جا بُزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡهِم نيڪي جو ڪوبہ موقعو هٿ مان وڃڻ نہ ڏيندا ها، جيڪڏهن انهن کان ڪو نصيحت جو طالب ٿيندو تہ ان کي آخرت ۾ ڪم ايندڙ ”مَدَني گل“ عنايت فرمائيندا هئا. واقعي جيڪڏهن سَفَر ۾ حَضَر هر جڳهہ يادِالٰهي جو ساٿ هجي، هردم اِحساس هجي، تہ ”الله پاڪ ڏسي رهيو

آهي.“ جهڙي طرح سيپاري 30 سورةُ الْعَلَق جي 14 ڏهين آيت ڪريمہ ۾ ارشاد ٿئي ٿو: اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ﴿۱۴﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا ان کي خبر ناهي تہ اللّٰه ڏسي رهيو آهي.“ تہ پوءِ انسان گناهن جي مُعامِلي ۾ خوفزده ۽ هوشيار رهندو آهي ۽ ظاهراً ۽ خُفيةً (يعني پوشيده طور) اللّٰه پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ جي نافرمانين کان بچندو آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجي ناقص خيال ۾ لڪي ڪري برائيون ڪن ٿا انهن کي هي ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جن خطائن کي هي پوشيدا سمجهي وينا آهن اهي سڀ جون سڀ برائيون ۽ بي حيائيون بديون لکڻ وارو فرشتو جاڻي ٿو ۽ لکي بہ رهيو آهي! جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي انهيءَ جو صحيح نموني اِحساس ٿي وڃي تہ هن کي ايڏي تہ شرمندگي ۽ ندامت ٿيندي جو دل چاهيندي تہ هاڻي زمين ڦاٽي پوي ۽ مان ان ۾ غرق ٿي وڃان!

سيپاري 26 سوره قٓ آيت نمبر 18 ارشاد ٿيندو آهي:

| | |
|---|---|
| مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿۱۸﴾ (پ 26، ق: 18) | ترجمو ڪنزالعرفان: اهو زبان مان ڪا ڳالهہ ناهي ڪيندو پر هڪ محافظ ملائڪ ان وٽ تيار بيٺو هوندو آهي. |

سيپاري 30 سورة الانفطار آيت نمبر 10 کان 12 ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ﴿۱۰﴾ كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ﴿۱۱﴾ يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۱۲﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ توهان تي ڪجهہ ضرور نگهبان مقرر آهن، معزّز لکڻ وارا، اهي ڄاڻن ٿا جيڪو توهان ڪيو ٿا . |

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خبر پئي ته اعمال نامو لکڻ وارا فِرشتا اسان جي لڪيل ۽ ظاهر عمل کي ڄاڻن ٿا نه ته لکن ڪيئن. (علم القرآن ص 85)

سُبْحٰن الله! جڏهن عمل لکڻ وارا فِرشتا اسان جا لڪيل عمل ڄاڻن ٿا ته پوءِ سيني فِرشتن بلڪ جميع مخلوق جي سردار مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پنهنجي غلامن جي دلين جا حالات ڇو نه آشڪار (يعني ظاهر) هوندا! منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بارگاهِ رسالت ۾ عرض گذار آهن:

سرِ عرش پر ہے تری گزر، دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے، نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

(حدائقِ بخشش، ص 109)

مشڪل لفظن جي معنيٰ: **سرِ عرش**: عرش جي مٿي. **ملکوت** فرشتن جي رهڻ جي جڳهه. **عیاں**: ظاهر

شرحِ ڪلامِ رضا: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! عرش جي مٿان ۽ فرش يعني زمين جي اندر جو سڀ ڪجهه اوهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاهه جي سامهون آهي، دنيا جهان ۾ ڪا به اهڙي شيءِ ناهي جيڪا پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ظاهر نه هجي.

## فرشتي کي رفيق سفر بڻائڻ جو عمل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جنهن کي دنيا جي بي وفا هجڻ جو اِحساس هجي، هر وقت موت جو تصور ٻڌل هجي، تِلاوت ۽ عبادت ان جو مشغلو هجي، ذڪر ۽ دُرُود جو سلسلو هجي ته ٻنهي جهانن ۾ ان جو

بيڙو پار ٿي وڃي. مقيم هجي يا مسافر هر هڪ کي گهرجي تہ اهو
فُضُول بڪ بڪ جي بدران ذِڪر ۽ دُرُود ۽ سنتن پرين پيارين
پيارين ڳالهين ۾ پنهنجو وقت گذاري. خاص ڪري سفر جي باري
۾ هڪ مدني گُل قبول فرمايو. جيئن مصطفيٰ جانِ رَحمت، شَمعِ بزمِ
هدايت، نَوشہ بزمِ جنَّت، مَنبعِ جُود و سخاوت، سراپا فضل و رَحمت
صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ حفاظت نشان آهي: جيڪو شخص سفر جي
دوران اللّٰه پاڪ جي طرف توجُّه رکي ۽ ان جي ذڪر ۾ مشغول رهي.
ان جي لاءِ هڪ فِرشتو محافظ (يعني حفاظت ڪرڻ وارو) مُقرَّر ٿي
ويندو آهي ۽ جيڪو (بيهودي) شعر و شاعري (يا فُضُول ڳالهين) ۾
مصروف رهي تہ ان جي پويان هڪ شيطان لڳي ويندو آهي.
(معجم ڪبير، 324/17،حديث:895)

سرورِ دیں لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیّدا کب تک دباتے جائیں گے
(حدائقِ بخشش، ص 157)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ بہ جهاد آهي

حضرتِ مولاءِ ڪائنات عَليُّ المرتَضٰي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ حُضُورِ
اڪرم، نُورِ مُجَسَّم، شاہِ آدم و بني آدم، رسولِ مُحتَشَم، شافِعِ اُمَم
صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اِرشادِ معظّم آهي: جهاد جون چار قسمون آهن: (1)
نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ (2) بُرائي کان منع ڪرڻ ۽ (3) صَبَر جي مقام
تي سچ چوڻ ۽ (4) فاسِقن سان بغض رکڻ. جنهن نيڪي جو حڪم ڏنو
ان مؤمنن جا هٿ مضبوط ڪيا ۽ جنهن بُرائي کان منع ڪيو ان فاسقن
جو نڪ خاڪ آلود ڪيو. (حلية الاولياء،11/5،حديث:6130)

## فاسِق جي ”فِسق“ سان نفرت هجڻ گهرجي

حضرتِ سيِّدُنا عبدالعزيز دَبّاغ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن فاسق مسلمان سان اهڙي طرح نفرت نہ ڪرڻ گهرجي تہ ان جي ذات ئي سان نفرت ٿي وڃي، ها! ان جي غَلَط عمل ۾ ناجائز ڪم کي بُرو سمجهڻ گهرجي، ڇوتہ ان جا هي جيڪي گناهہ نفرت لائق آهن عارضي آهن ليڪن ان جي دل ۾ موجود ايمان مُستقِل آهي. هي پاڻ هڪ مومن آهي ۽ هي اهڙا اُمور آهن جيڪي مَحَبَّت کي لازم ڪرڻ وارا آهن تنهنڪري انهن پاڪيزه خَصلتن جي ڪري ان جي ذات سان مَحَبَّت هئڻ گهرجي ۽ ان جي بُري ڪمن ۾ گناهن سان نفرت هئڻ گهرجي. (ابريز ،ص478ملخصا)

## فاسِق جي صحبت سخت نقصان واري آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهو ذهن ۾ رهي تہ فاسق سان نفرت رکڻي آهي ان جي معنيٰ هرگز اها ناهي تہ فاسِق جي صحبت بہ اختيار ڪيو. دعوتِ اسلامي جي مڪتبةُ المدينہ جي ڪتاب، ”غيبت جون تباهہ ڪاريون“ (505صفحات) صَفحي 172 تي آهي: بُري صحبتن کان بچڻ بيحد ضروري آهي نہ تہ آخرت تباهہ ٿي سگهي ٿي. منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اَهلِ سنّت، مولانا شاهہ امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”نماز ۾ شريعتِ مُطَهَّره ڪو اهڙو ذڪر ناهي رکيو جنهن ۾صرف زبان ”مان لفظ ڪڍيا وڃن ۽ معنيٰ مراد نہ هجي.“ (فتاويٰ رضويہ ج 29 ص 567) تہ (اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هِن فرمان جي روشني ۾) توهان کي ياد ڏيارڻ جي لاءِ عرض آهي تہ نمازِ وِتر ۾ دعاءِ قُنُوت تہ پڙهندا هوندا جنهن ۾ (هي بہ) آهي: ”وَنَخْلَعُ وَنَتْرُکُ مَنْ يَّفْجُرُکَ ط“ يعني (ياالله! اسان) الڳ ڪيون ٿا ۽ ڇڏيون ٿا ان کي جيڪو

تنهنجي نافرماني ڪري”جيڪڏهن اڄ ڪان پهريان معنيٰ جي خبر نہ هئي هاڻي تہ خبر پئي ان ڪري پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان ڪيل روز روز جي هنن واعدن کي عملي جامو پارائي ڇڏيو، ۽ نماز نہ پڙهندڙن، گارين، بدگمانين، تُهمتن، غيبتن، چغلين ۽ مختلف قسمن جي نافرمانين ۾ شريڪ ٿيندڙن فاسِقن ۽ فاجرن جي ڪچهرين ۽ انهن جي صحبتن ڪان توبهہ ڪيو ۽ قرآن ڪريم بہ اهڙن جي صحبت ڪان مَنع فرمائي ٿو، جهڙي طرح سيپاري 7 سورة الانعام آيت نمبر 68 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٨﴾ | ترجَمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن شيطان توکي ڀُلائي ڇڏي تہ ياد اچڻ ڪان بعد ظالمن وٽ نہ ويهہ. |

تفسيراتِ احمديہ ۾ هِن آيت مبارَڪ جي حوالي سان لکيل آهي: هتي ظالمن مان مراد ڪافر، مُبتَدِعِين يعني گمراهہ ۽ بد دين ۽ فاسق آهن ۔ (تفسيرات احمديہ ص 388) ”غيبت جي تباهہ ڪاريون“ صفحي 154 تي آهي.

## نيڪي جي دعوت ڏيڻ لاءِ فاسِقن وٽ وڃڻ جائز آهي

جيڪو اسلامي ڀاءُ مُتَّقِي، پرهيزگار هجي، هو ياري دوستي ۾ نہ پر صرف نيڪي جي دعوت جي حد تائين نافرمان ۽ بگڙيل ماڻهن وٽ ويهي سگهي ٿو جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي مڪتبۃ المدينہ جي ترجمي واري قرآن، ”ڪنزالايمان مَع خزائنُ العرفان“ صفحي

260 تي سيپاري 7 سورة الانعام آيت نمبر 69 تي ربُّ العِباد ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَا عَلَى الَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّلٰكِنْ ذِكْرٰى لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۶۹﴾

ترجَمو ڪنزالعرفان: ۽ پرهيزگارن تي گمراهن جي حساب مان ڪجھ ناهي، پر نصيحت ڪرڻ ته جيئن اهي بچن.

حضرتِ صدرالافاضِل مولانا سيّد محمدنعيم الدين مُرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خَزائنُ العرفان ۾ هن آيت ڪريمه جي جي حوالي سان فرمائن ٿا: ”هن آيت مان معلوم ٿيو ته اِصلاح ۽ نصيحت ۽ اظهارِ حق جي لاءِ انهن وٽ ويهڻ جائز آهي.“

امير اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي ڪتاب نيڪي جي دعوت جو مضمون هتي ختم ٿيو. ذڪر ڪيل سوالَ امير اهلِ سنّت جي ملفوظات مان ورتا ويا آهن جن کي موضوع جي مناسبت سان هتي شامل ڪيو پيو وڃي.

## اللّٰه پاڪ کي مٿي وارو چوڻ ڪيئن؟

سوال: ”چا هي چئي سگھجي ٿو ته ”اللّٰه پاڪ مٿي آهي“؟

جواب: اللّٰه پاڪ جڳھ کان پاڪ آهي لهٰذا اهو نٿو چئي سگھجي ته اللّٰه پاڪ مٿي آهي يا هيٺ آهي يا کابي يا سَاڄي پاسي آهي. (بهارِ شريعت،19/1، حصه:1 ماخوذاً) ڪجھ ماڻهو چوندا ته اللّٰه پاڪ آسمان تي رهي ٿو ۽ ڪير چوندو آهي عرش تي رهي ٿو حالانڪ اللّٰه پاڪ جي لاءِ ڪو مڪان يعني رهڻ، قيام ڪرڻ ۽ رڪجڻ جي جڳھ هجي اهڙو ڪو معاملو ناهي. اللّٰه پاڪ جو ڪو بدن ناهي ۽ اهو جسم ۽ جسمانيت کان پاڪ آهي. ( درمختار،358/2 ماخوذاً) اهو چوڻ ته اللّٰه پاڪ مٿي آهي ان کي عُلَماء ڪفر

لکيو آهي. (بحر الرائق،203/5) الله پاڪ جي ذات جي تعلق سان اهڙي طرح جا مسئلا سمجهڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي مکتبة المدينہ جي ڪتاب ”ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب“ جو مطالعو ڪيو اِن شاءَ الله توهان جو اِيمان تازو ٿي ويندو ۽ توهان کي سوين نہ پر هزارين اهڙي ڪُفريات جي خبر پئجي ويندي جيڪي اڄڪلھ ماڻهن ۾ رائج آهن. (ملفوظات اميراہلِ سنّت،قسط:31،ص7)

## گمان کان گذريا گذرڻ وارا

سوال : توهان فرمايو آهي تہ ” الله پاڪ کي مٿي وارو يا الله پاڪ عرش تي آهي“ ايئن نہ چوڻ گهرجي جڏهن تہ اسان ٻڌو آهي مِعراج جي رات سروَرڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرش تي الله پاڪ سان ملاقات جي لاءِ تشريف کڻي ويا ۽ عرش مٿي ئي آهي تہ انهيءَ جو ڇا مطلب آهي؟ (سوشل ميڊيا جي ذريعي سُوال)

جواب: پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ سان ملاقات لاءِ عرش تي ويا اها عوام جي ڳالھ آهي. اهو درست آهي تہ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرش تي ويا مگر الله پاڪ جو ديدار ڪٿي ٿيو ان جو تذڪرو ناهي. اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت مولانا شاھ احمد رضا خان فرمائن ٿا :

خِرَد سے کہہ دو کہ سر جُھکا لے، گماں سے گزرے گزرنے والے
پڑے ہیں یاں خود جہت کو لالے، کسے بتائے کدھر گئے تھے

(حدائقِ بخشش،ص235)

خِرَد جي معنيٰ آهي عقل ۽ سمجھ، گمان يعني خيال، جهت جي معنيٰ آهي سمت يا ڊائريڪشن. شعر جو مطلب اهو ٿيو تہ عقل کي چئو تہ هاڻي هٿيار ڦٽا ڪري سوچي نہ ڇو تہ گذرڻ وارا خيال کان بہ وَراءُ

الوريٰ تي ويا آهن، بلڪ هتي خود جهت ۽ سمت ڪي به حيراني تي آهي نه متي نه هيٺ نه ڪابي نه ساڄي، اهڙي طرح پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي متي جي اکين سان اللّٰه پاڪ جي زيارت سان مُشَرَّف ٿيا آهن. ڪهڙي طرح ڏٺو؟ يا ڪيئن ڏٺو؟ اهي ڳالهيون سوچڻ جون نه آهن بلڪ مڃڻ جون آهن. ( ملفوظات امیرِاہلِ سنّت،قسط:31،ص8)

سوال : هنن شعرن جي وضاحت فرمائيندا. (نگران شوريٰ حاجي ابوحامد محمد عمران عطاري جو سوال)

واسطہ پیارے کا ایسا ہو کہ جو سُنّی مرے
یوں نہ فرمائیں ترے شاہد کہ وہ فاجر گیا
عرش پر دُھومیں مچیں وہ مؤمن صالح ملا
فرش سے ماتم اُٹھے وہ طیب و طاہر گیا

(حدائقِ بخشش، ص53، 54)

جواب: انهن شِعرن جي وضاحت هي آهي ته ”ياالله!توکي تنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو! اسان تي اهڙو ڪرم ٿي وڃي جو جڏهن اسان دنيا مان وڃون ته تنهنجا گواهه نه چوَن ته نافرمان دنيا مان ويو، بلڪ ملائڪ خوشي ملهائن ته هڪ نيڪ ٻانهو اسان وٽ آيو ۽ دنيا وارا افسوس ڪن ته هڪ نيڪ ٻانهو اسان کان وڇڙي ويو“ هتي شاهد مان يا ته سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات بابرڪت مُراد آهي چو ته سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو شاهد به آهي. جهڙي طرح قرآن پاڪ جي هڪ آيتِ مُبارڪ ۾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٽي لقب ”شَاهِد، مُبَشِّر، نَذِيْر“ ذڪر

ڪيا ويا آهن. [1] يا شاهد مان مُراد مومنين آهن. يعني جڏهن مان مران تہ مسلمان ايئن نہ چون تہ هو فاجر ويو. منهنجو وڌيڪ رجحان بہ هيڏانهن آهي تہ هتي مسلمان مراد آهن، جو تہ سرڪار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ رحمت فرمائڻ وارا ۽ پنهنجي غلامن جا عيب لڪائڻ وارا آهن. سرڪار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي تہ الله جي عطا سان انهيءَ ڳالهہ جو بہ علم آهي تہ ڪير فاجر آهي! ۽ ڪير متقي آهي! (ملفوظاتِ اميراهلِ سنّت،قسط:246،ص8)

## عرش جو سايو ڏيارڻ وارو عمل

سوال: ڪو اهڙو عمل ٻڌايو جنهن جي سبب عرش جو سايو ملي؟

جواب: احاديثِ مبارڪہ ۾ قرضدار کي مهلت ڏيڻ يا قرض معاف ڪرڻ جا فضائل بيان ڪيا ويا آهن، الله جي پياري حبيب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عاليشان آهي: ”جيڪو تنگدست کي مهلت ڏي يا ان جو قرض معاف ڪري ڇڏي، الله پاڪ ان کي انهيءَ ڏينهن پنهنجي عرش جي سايي ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو جنهن ڏينهن عرش جي سايي کانسواءِ ڪو سايو نہ هوندو“ (ترمذی،52/3،حديث:1310) هڪ ٻي روايت ۾ آهي: ”جنهن تنگدست کي مهلت ڏني يا ان جو قرض معاف ڪري ڇڏيو الله پاڪ ان کي پنهنجي عرش جي سايي ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو“

(مسند امام احمد،367/8،حديث:22622 ) ( ملفوظاتِ اميراهلِ سنّت،قسط:248،ص2)

## ”عرشِ اعظم تي ربّ“ وارو شعر پڙهڻ ڪيئن آهي؟

سوال: هي شعر دُرست آهي يا نہ؟

---

1 …(يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿۴۵﴾) (پ22، الاحزاب:45) ترجمو ڪنزالايمان:اي غيب جون خبرون ٻڌائڻ وارا (نبي) بيشڪ اسان توهان کي حاضر و ناظر ۽ خوشخبري ڏيندو ۽ خوف ٻڌائيندو.

عرشِ اعظم پہ رب سبز گنبد میں تم　　کیوں کہوں میرا کوئی سہارا نہیں
میں مدینے سے لیکن بہت دُور ہوں　　یہ خَلِش میرے دل کو گوارا نہیں

جواب: هِن شِعر جا ابتدائي لفظ ”عرشِ اعظم پہ رب“ ۾ بظاهر مَعاذَالله عرش اعظم تي الله پاڪ لاءِ مڪان مڃيو ويو آهي ۽ الله پاڪ جي لاءِ مڪان مڃڻ ڪُفر لُزومي آهي. جيڪڏهن هن شِعر جي ابتدا ۾ ”عرش اعظم کا رب“ پڙهجي ته شعر شرعي گرفت کان نڪري ويندو.

(کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص242)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزّوجلّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزّوجلّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزّوجلّ






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net